## قرآني بيان بنام

# قرآن لاريب ڪتاب آهي

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مسجد جي تحت مساجد جي لاءِ

**31 January 2025**



# جمعي جو بيان

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مسجد جي تحت مساجد جي لاءِ
24 جنوري، 2025ع (اسلامي تاريخ 23 رجب المرجب 1446) جي جمعي جو بيان

قرآني بيان بنام

# قرآن لاريب ڪتاب آهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿.. سُوْرَۃُ الْبَقَرَہ جو مختصر تعارف ۽ فضائل
- ✿.. شيطان خبيث کي مار
- ✿.. غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو
- ✿.. قرآن جي فرياد

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط: 2، صفحو: 28، حديث پاڪ نمبر: 28**

جيڪو ماڻهو نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر انور وٽ بيهي ڪري هي آيت مبارڪ ڪي پڙهي:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوۡنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَ سَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۵۶﴾

(پاره:22، سورة احزاب:56)

**ترجمو ڪنزُالعِرفان:** بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا اي ايمان وارو! ان درود ۽ خوب سلام موڪليو.

(ان کان پوءِ) صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡكَ يَا مُحَمَّدُ (يعني يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ توهان تي رحمت نازل فرمائي) هي 70 ڀيرا پڙهي ته فرشتو سڏ ڪندو آهي: اي فلاڻا! الله پاڪ تو تي به رحمت نازل فرمائي، تنهنجي ضرورت پوري ٿيندي. (1)

---

[1]...شُعَبُ الايمان، جلد:3، صفحه:492، حديث:4169۔

تم ہو جَوادو کریم، تم ہو رَؤف ورَحیم | بھیک ہو داتا عَطا تم پہ کروروں درود[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جمعةُ المبارڪ جي پوئين چند اجتماعن ۾ اسان سورت فاتحہ جي وضاحت ۽ ان مان ملندڙ اهم مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اڄ کان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سورت بَقَره جي ابتداء ٿيندي، الله پاڪ اسان کي خوب ذوق ۽ شوق سان مڪمل بيان ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم.

## سورة بَقَره جو مختصر تعارف ۽ فضائل

✿ سورت بَقَره مدني منور ۾ نازل ٿيڻ واري سيني کان ڀهرين سورت مبارڪ آهي.[2] ✿ هن ۾ 40 رڪوع ۽ 280 آيتون آهن.[3] ✿سورت بَقَره قرآن ڪريم جي سڀ کان وڏي، نهايت بابرڪت ۽ فضيلت واري سورت آهي ✿حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان (صحابہ ڪرام علیهم الرضوان) مان جڏهن بہ ڪو سورت بَقَره ۽ سورت آلِ عمران سکي وٺندو هو تہ اسان جي وچ ۾ ان کي وڏي رتبي وارو سمجهيو ويندو هو.[4] ✿ حديث پاڪ ۾ سورت بَقَره ۽ سورت آلِ عمران کي زَهْرَاوَيْن (2 چمڪندڙ سورتون) چيو ويو آهي. جيتوٽيڪ رحمت واري رسول، شفيع اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِقْرَؤُوا الزَّهْرَاوَيْنِ اَلْبَقَرَةَ وَسُوْرَةَ آلِ عِمْرَان يعني 2 چمڪندڙ سورتون سورت بَقَره ۽ سورت آلِ عمران جي تلاوت ڪندا ڪيو! جو تہ قيامت جي ڏينهن هي ٻئي سورتون پنهنجي پڙهڻ وارن جي شفاعت

[1]…حدائقِ بخشش،صفحہ:269۔

[2]…تفسیرِ خازن ،پارہ:1،سورۂ بقرہ،جلد:1 ،صفحہ:22۔

[3]…تفسیر صراط الجنان،پارہ:1 ،سورۂ بقرہ،جلد:1 ،صفحہ:56۔

[4]…مسند امام احمد،جلد:5 ،صفحہ:341 ،حدیث:12544۔

ڪنديون. [1] ✿حضور اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِقْرَءُوا سُوْرَةَ الْبَقَرَةِ فَاِنَّ اَخْذَهَا بَرَكَةٌ وَتَرْكَهَا حَسْرَةٌ وَلَا يَسْتَطِيعُهَا الْبَطَلَةُ يعني سورت بَقَره جي تلاوت ڪندا ڪيو! ڇو تہ سورت بَقَره ضروري سمجهڻ برڪت آهي، ان کي ڇڏي ڏيڻ حسرت آهي ۽ جادوگر هن جي مقابلي ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن. [2]

## شيطان خبيث کي مارَ

هڪ ڀيري حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تشريف فرما هيا، ماڻهن کي دين سيکاري رهيا هئا، پاڻ هڪ واقعو ٻڌائيندي فرمايائون: هڪ صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، رستي ۾ ان کي شيطان ملي ويو، ان صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شيطان کي پڪڙي ورتو، ٻنهي جي وچ ۾ ملهه ٿي، صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شيطان کي هيٺ ڪيرائي وڌو، شيطان چوڻ لڳو: مون کي ڇڏي ڏي! مان توهان کي هڪ ڳالهه ٻڌائيندس. صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شيطان کي ڇڏي ڏنو پر شيطان پنهنجي زبان تان ڦري ويو ۽ ان ڳالهه نہ ٻڌائي، صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وري شيطان کي پڪڙيو، ٻيهر شيطان کي هيٺ ڪيرايو، هن ڀيري وري شيطان چيو: مون کي ڇڏي ڏيو! مان توهان کي هڪ عجيب ڳالهه ٻڌائيندس. صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وري ڇڏي ڏنو، شيطان وري چيو: مان نہ ٻڌائيندس. ان صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ٽيون ڀيرو وري شيطان کي پڪڙيو، هيٺ ڪيرايو هن ڀيري ان جي سيني تي ويهي ڪري ان جي ڳلي تي آڱونو رکي ڪري چيو: ٻڌائيندي تہ ڇڏي ڏيندس، نہ تہ نہ ڇڏيندس. هاڻ شيطان ڳالهه ٻڌائي، چيو: ڪنهن جڳهه تي ڪافي سارا شيطان گڏ ٿين، انهن جي وچ ۾ جيڪڏهن سورت بَقَره جي هڪ آيت پڙهي وڃي تہ اهي سيئي شيطان ڀڄي ويندا ۽ جنهن گهر ۾ سورت بَقَره جي هڪ آيت پڙهي وڃي، ان گهر ۾ شيطان داخل ناهي ٿي سگهندو.

---

[1]...مسلم، كتاب صلاة المسافرين ، باب فضل قراءة القرآن ...الخ، صفحہ:290،حديث:804ملتقطاً۔

[2]...مسلم، كتاب صلاة المسافرين ، باب فضل قراءة القرآن ...الخ، صفحہ:290،حديث:804۔

هي واقعو ٻڌي ڪري ماڻهن حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان پڇيو: اهي صحابي ڪير هئا؟ فرمايائون: ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ اهي مسلمانن جا ٻيا خليفہ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هيا. [1] سُبْحٰنَ الله!

گلی سے اُن کی شیطاں دُم دبا کر بھاگ جاتا ہے

ہے ایسا رُعب ایسا دبدبہ فاروقِ اعظم کا[2]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرت صِدّیق بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور عمرِ فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عثمانِ غنی! | جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حُسین بھی! | جنّتی! جنّتی! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهر ڏيئي وانگر چمڪندو هو

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته سورت بَقَره جي برڪت سان شيطان کان، جادو ٽوڻي وغيره کان حفاظت ٿيندي آهي، اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي گهرن ۾ سورت بَقَره جي تلاوت ڪندا ڪيون. هڪ صحابي رسول آهن: حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ رات جي وقت ان جو گهر ايئن چمڪندو هو جيئن ڏيئو روشن هجي. ماڻهن ٻنهي جهان جي آقا، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته پاڻ ڪريم: صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ثابت بن قيس ضرور رات جو سورت بقره جي تلاوت ڪندو هوندو. جيتوڻيڪ حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان ان باري ۾ پڇيو ويو ته انهن ٻڌايو: ها! واقعي ۾ رات جو

[1]…تفسير دُرِّ منثور،پاره:1،سورۀ بقره،جلد:1، صفحه:52۔

[2]…وسائل بخشش، صفحه:526۔

سورت بَقَره جي تلاوت ڪندو آهيان.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! سورت بَقَره پڙهڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن! اسان بہ نيت ڪيون تہ سورت ڪجهہ نہ ڪجهہ تلاوت لازمي ڪندا ڪيون. الله پاڪ اسان سيني کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

چھوڑو! یہ ظلمتوں کے شکوے کرو نہ ہر دَم | ہے روشنی کی خواہش؛ قرآن پڑھ کے دیکھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سورت بَقَره جي پهرين ۽ ٻي آيت جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي قرآن جي نُور مان حصو نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## سورة بَقَره، آيت: 1 ۽ 2

الله پاڪ سوره بَقَره جي آيت 1 ۽ 2 ۾ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| الٓمّٓ (1) ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ<br>(پاره:1، سورۂ بقره:1-2) | ترجموڪنزالعرفان: الم، اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي. |

الٓمّٓ": هي حروف مقطعات مان آهي. قرآن ڪريم جي مختلف سورتن جي شروع ۾ اهڙي قسم جا حروف ايندا آهن، مثال طور: الٓمّٓ" الٓمّٓصٓ"" الٓرٰ" وغيره. انهن کي حروف مقطعات چوندا آهن. حروف مقطعات جي باري ۾ درست ۽ پختي ڳالهہ اها آهي تہ اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ بِمُرَادِهٖ يعني هنن حروف مقطعات جو مطلب ۽ معنيٰ الله

[1]...تفسير دُرِّ منثور، پاره:1، سورۂ بقره، جلد:1، صفحه:52۔

پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو يا الله پاڪ جي عطا سان ان جا محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن ٿا. (1)

مِيانِ طالِب و مَحْبُوب رَمْزِيْسْت | كراماً كاتِبِين رَاهَم خَبَرْنِيْسْت

مفهوم: الله پاڪ ۽ ان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ ۾ اهڙا راز به آهن جيڪي ڪراماً ڪاتبين فرشتن کي به انهن جي خبر ناهي.

## حروف مقطعات راز آهن

مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صِدِّيْق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: فِي كُلِّ كِتَابٍ سِرٌّ وَسِرُّ اللهِ تَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ اَوَائِلُ السُّوَر يعني هر ڪتاب جو هڪ راز هوندو آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ جو راز سورتن جي شروع ۾ ايندڙ حُرُوفِ مُقَطّعَات آهن. (2)

## هڪ غير مسلم جو اعتراف

هڪ ڀيري رسول اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت بَقَره جي تلاوت فرمائي رهيا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهيو:

الٓمّٓ (1) ذٰلِكَ الْكِتٰبُ

ترجمو ڪنز العرفان: الم، اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب

حُيَيْ بن اَخْطَب جيڪو يهودي هيو، ان کي جڏهن معلوم ٿيو ته اهو جلدي مان بارگاهه رسالت ۾ پهتو ۽ پڇيائين: اي مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! هي جيڪو توهان پڙهيو، ڇا اهو الله پاڪ جو ڪلام آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ها! هي الله پاڪ جو ڪلام آهي.

---

1 ...تفسير صراط الجنان،پاره:1،سورة بقره،زيرِ آيت :1،جلد:1، صفحه:59ماخوذاً۔

2 ...تفسيرِ بغوى،پاره:1، سورة بقره،زيرِ آيت:1، جلد:1، صفحه:11۔

حُيَيۡ بن اَخۡطَب عِلمُ الاَعداد جو ماهر هو، جيئن تہ ان ڪتّبِ شروع ڪري ڏني: اَلِفُ جو هڪ عدد آهي، لَامۡ جا: 30 مِيۡم جا: 40،40.30+40+1، ڪل 71 ٿي ويا. ايئن حساب لڳائي ڪري چيائين: ان جو مطلب اهو ٿيو تہ توهان جي اُمت 71 سال دنيا ۾ رهندي. لهٰذا جيڪو دين صرف 71 سال رهڻو آهي مان ان دين ۾ ڇو داخل ٿي وڃان؟

حُيَيۡ بن اَخۡطَب جي اها فضول ڳالهہ ٻڌي ڪري رحمت واري رسول، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ٻئي جڳهہ تان حُرُوفِ مُقَطّعَات پڙهيا، فرمايائون: ""حُيَيۡ بن اَخۡطَب ٻيهر ڪتّبِ شروع ڪئي: اَلِفُ جو 1 عدد آهي، لَامۡ جا:30، مِيۡم جا: 40، صَادّ جا:90. 30 + 90 ، 120 هو ڳيءِ، 120+40=160، 160 ۽ 1، 161 چوڻ لڳو: ان جو مطلب توهان جو دين دنيا ۾ 161 سال رهندو. پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ٻي جڳهہ تان حُرُوفِ مُقَطّعَات پڙهيا، فرمايائون: "Ì".

حُيَيۡ بن اَخۡطَب چيو: هي تہ پهرين کان بہ وڌيڪ ٿي ويا، اَلِفُ جو عدد:1، لَامۡ جا: 30، رَاء جا: 200. هي ملائي ڪري: 231 ٿيا، يعني توهان جو دين 231 سال دنيا ۾ رهندو، رحمت واري رسول، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ٻي جڳهہ تان پڙهيو: آلرٰ" حُيَيۡ بن اَخۡطَب وري ڳڻپ شروع ڪئي: اَلِفُ جو هڪ عدد آهي، لَامۡ جا: 30 مِيۡم جا: 40، رَاء جا: 200. رسولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُرُوفِ مُقَطّعَات پڙهندا ويا، حُيَيۡ بن اَخۡطَب عِلم الاعداد جي مطابق ڳڻپ ڪندو ويو، آخر اڻ جنجهوڙي ڪري چيو: اي مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وڃڻ ڏي! مان ان راز کي نٿو سمجهي سگهان. (1)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي قرآن ڪريم جو بہ ۽ صاحب قرآن، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ....!!

---

[1]...تفسير دُرِّ منثور،پاره:1،سورهٔ بقره،زيرِ آيت:1، جلد:1، صفحه:57-58۔

ترے آگے یُوں ہیں دَبے لچے، فُصحا عرب کے بڑے بڑے
کوئی جانے مُنہ میں زباں نہیں، نہیں بلکہ جسم میں جاں نہیں[1]

## حُرُوفِ مُقَطّعَات جي ايمان افروز تاويل

بهرحال! حُرُوفِ مُقَطّعَات راز آهن، انهن جي معنيٰ چا آهي، اهو الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو يا الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن ٿا. البته مفسرين ڪرام، علماءِ ڪرام قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ هن حُرُوفِ مُقَطّعَاتجون جائز تاويلون ڪيون آهن، انهن مان هڪ تاويل هي آهي ته حُرُوفِمُقَطّعَات اصل ۾ قَسْم آهن، يعني الف مان ڪا شيء ٻڌجندي آهي، الله پاڪ ان جو قسم ارشاد فرمايو، ايئن ئيلام ۽ ميم مان به ڪا شيء ٻڌجندي آهي، الله پاڪ انهن جو قسم ارشاد فرمايو آهي. ايئن هي 3 قَسْم ارشاد فرمائي ڪري الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَا رَيْبَ ۛۚ فِيْهِ ۛۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۲﴾<br>(پاره:1،سورة بقره: 2) | ترجموڪنزالعرفان: اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي. |

هاڻ اهي شيون ڪهڙيون آهن؟ الف، لام ۽ ميم مان ڇا ٻڌجندو آهي؟ ان باري ۾ مفسرين ڪرام جا مختلف قول آهن. عاشقِ ماه رسالت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اُن جي باري ۾ وڏي ايمان افروز ڳالهه لکي آهي، پاڻ فرمائن ٿا: الف مان مراد پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيام واري حالات آهي، لام مان مراد سرور عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حالت رڪوع آهي ۽ ميم مان مراد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سجدي واري حالت آهي، ايئن مطلب وجي ٿيندو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:108۔

توهان جي قيام، رڪوع ۽ سجدي جو قسم! قرآن لاريب ڪتاب آهي.

سيّدي اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن جي هڪ ٻي به تاويل ٿي سگهي ٿي، اها هيءَ آهي تہ: الف مان مراد شان واري رسول، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قد مبارڪ آهي، لام مان مراد پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا زُلف مبارڪ آهن، ميم مان مراد پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دَهن (مُنهن) مبارڪ آهي، تہ مطلب بڻجندو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي قد مبارڪ، زلف عَنبرين ۽ خوشبودار منهن مبارڪ جو قسم! قرآن لاريب ڪتاب آهي.[1]

وہ خُدا نے ہے مرتبہ تجھ کو دیا، نہ کسی کو ملے نہ کسی کو ملا
کہ کلامِ مجید نے کھائی شہا ترے شہر و کلام و بقا کی قسم[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن لاريب ڪتاب آهي

لَا رَيْبَ ۛۚ فِيْهِ ۛۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۲﴾ (پاره:1،سورة بقره: 2)

ترجموڪنزالعرفان: اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي.

انبياءِ ڪرام کي 2 شيون خصوصيت سان عطا ڪيون وينديون آهن: (1) وحي (2) معجزو. هي ٻئي الڳ الڳ شيون هونديون آهن.

وحي ايندي آهي مخلوق جي هدايت جي لاءِ، هي جڏهن هڪ دعوا هوندي آهي يعني نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي الله پاڪ جو ڪلام ٻڌائي ڪري جڏهن تہ هيءَ دعوا ڪندا آهن تہ مان الله پاڪ جو نبي آهيان، ۽ هي ڪلام الله پاڪ مون تي نازل فرمايو آهي. ان دعوا جي دليل جي لاءِ انبياءِ ڪرام کي معجزا عطا فرمايا

[1] سہ ماہی رضا بک رِیْوِیُو، صفحہ:653 ملخصاً۔

[2] ...حدائقِ بخشش،صفحہ:80۔

ويندا آهن، يعني ماڻهو جڏهن دليل گهرندا آهن تہ اسان ڪيئن مڃون تہ اوهان الله پاڪ جا نبي آهيو تہ انبياء ڪرام علیهمُ السَّلام انهن کي معجزا ڏيکاريندا آهن. جيئن حضرت موسيٰ علیه السَّلام جڏهن فرعون جي درٻار ۾ تشريف کڻي آيا، نبوت جو اعلان فرمايائون تہ فرعون ان تي دليل گهريو، پاڻ علیه السَّلام پنهنجي عصا (لٺ) جيڪا ڪاٺيءَ جي هئي، زمين تي رکي ڇڏي، اها فوراً نانگ ٿي وئي. اهو معجزو هيو.

اهڙي ريت ٻين انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي بہ هي 2 خصوصي شيون وَحي ۽ معجزا عطا ڪيا ويندا آهن پر قربان وڃجي! الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نرالا شانَ عطا فرمايا آهن. الله پاڪ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار معجزا تہ عطا ڪيا ئي آهن، ان سان گڏوگڏ پاڻ تي جيڪا وحي نازل فرمائي، جيڪو ڪلام قرآن ڪريم لاٿو، ان کي بہ سندن معجزو بڻائي ڇڏيو. يعني پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ان شان سان وحي نازل فرمائي جو جيڪڏهن قرآن ڪريم سان گڏ الڳ سان ڪو معجزو نہ بہ ڏنو وڃي ها، پوءِ بہ قرآن ڪريم پاڻ ئي ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هي ڪنهن ٻانهي جو نہ پر الله پاڪ جو ڪلام آهي.

## قرآن ۽ صداقت مصطفيٰ

ڏسو! ڪافر سچي نبي، سني نبي رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اعتراض ڪيو هو:

بَلۡ قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍۭ بَلِ افۡتَرٰىهُ بَلۡ هُوَ شَاعِرٌ ۚۖ (پاره:17، سورة انبيا:5)

ترجموڪنزالعرفان: بلڪ(ڪافرن) چيو: ڪوڙا خواب آهن بلڪ پاڻ اُن (نبي) پنهنجي طرفان بنايو آهي بلڪ هي شاعر آهي

هي ڪافرن رحمت واري رسول، شفيع امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي (مَعَاذَ الله!)

اعتراض ڪيو تہ جنهن ڪلام ڪي توهان وَحي چئو ٿا، اهو الله پاڪ جو ڪلام ناهي. ان تي اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ هي واقعي الله پاڪ جو ڪلام آهي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واقعي الله پاڪ جا سچا نبي آهن، ڪنهن الڳ دليل جي ضرورت نہ هئي، الله پاڪ فرمايو:

وَاِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۳﴾ (پاره:1،سورة بقره:23)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان کي اُن ڪتاب جي باري ۾ ڪو شڪ هجي جيڪو اسان پنهنجي خاص ٻانهي تي نازل ڪيو آهي تہ توهان اُن جهڙي هڪ سورت ناهي آڻيو ۽ الله کان سواءِ پنهنجي سڀني مددگارن کي سڏيو.

يعني اي مڪي جا ڪافرؤ! جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي تہ هي جيڪو ڪلام مجيد اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تلاوت ڪندا آهن، اهو الله پاڪ جو ڪلام ناهي تہ پوءِ اهڙو ڪلام توهان بہ ٺاهي ڏيکاريو! توهان چئو ٿا: هي ڪهاڻيون آهن، تہ اهڙيون ڪهاڻيون توهان بہ ناهي آڻيو! جيڪڏهن هي شاعري آهي تہ توهان شاعري جي ميدان ۾ وڏا ماهر آهيو، توهان بہ اهڙي شاعري ڪري ڏيکاريو! ۽ وري اهو بہ ضروري ناهي تہ توهان مان هڪ ئي شخص اهو ڪري، نہ...!! توهان سڀ عرب وارا ملي وڃو! دنيا سڄي جي شاعرن کي جمع ڪيو! سڀ ملي ڪري اهڙو ناهي ڏيکاريو! جيڪڏهن نہ ناهي سگهو ۽ يقيناً نہ ناهي سگهندؤ تہ مڃي وٺو هي ڪلام مجيد، قرآن ڪريم ڪنهن انسان جو نہ پر الله رَبُّ العلمين جو ڪلام آهي ۽ اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا نبي آهن.

معلوم ٿيو! ٻين نبين سڳورن عليهمُ السَّلَام کي وحي الڳ عطا ٿيندي هئي، معجزو الڳ ڏنو ويندو هو پر محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نرالو شان آهي، الله پاڪ ڪيس سراپا معجزو بڻايو ۽ گڏوگڏ وحي بہ اها عطا

فرمائي جيڪا صرف وحي نہ پر معجزو بہ آهي ۽ هي (يعني قرآن ڪريم) دائمي (هميشہ وارو) معجزو آهي، پيارا آقا، احمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا کان ظاهري پردو فرمائي چڪا آهن پر وحي وارو معجزو (يعني قرآن ڪريم) هاڻ بہ موجود آهي، قيامت تائين ايندڙ ڪو بہ فرد قرآن ڪريم کڻي، سچي دل سان، تعصب جي عينڪ لاهي ڪري پڙهي، سمجهي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! (اچرج ۽ حيرت مان) چئي اٿندو تہ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا سچا نبي آهن.

## غير مسلم ڊاڪٽر جو اعتراف

اَڄ سائنس جو دور آهي، ڪجهہ عرصو پهرين جڏهن الٽرا سائونڊ مشين ايجاد نہ ٿي هئي، سائنسدان اڃان ان جي باري ۾ تحقيقون ڪري رهيا هئا، تہ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار ڪيئن نهندو آهي؟ نطفو يڪدم انساني شڪل اختيار ڪندو آهي يا مختلف مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ انساني شڪل اختيار ڪندو آهي؟

آمريڪا جو هڪ ڊاڪٽر هو: مارشل جونسن، اهو بہ ان تحقيقي ٽيم ۾ شامل هو. هڪ ڀيرو ان جي هڪ مسلمان سان ملاقات ٿي، ملاقات جي دوران مسلمان قرآن ڪريم جي هي آيت ڊاڪٽر کي ٻڌائي (الله پاڪ فرمائي ٿو):

| | |
|---|---|
| وَ قَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ﴿۱۴﴾ (پاره:29،سورة نوح:14) | ترجموڪنزالعرفان: حالانڪ اُن توهان کي ڪيترن ئي حالتن مان گذاري بڻايو. |

ڊاڪٽر جونسن ڪرسي تي ويٺو هو، جڏهن ان اِها آيت ٻڌي تہ حيران ٿي هڪدم اٿي بيهي رهيو ۽ تعجب مان چيائين: اهو ناممڪن آهي، قرآن ۾ اهڙي آيت نہ ٿي ٿئي سگهي. مسلمان ان کي اها آيت ڏيکاري ۽ گڏ ئي ٻيون آيتون جيڪي انساني تخليق جي موضوع تي آهن، اهي بہ ڏسيون، اهو ڏسي ڪري ڊاڪٽر چيو: 2 ئي صورتون ٿي سگهن ٿيون: (1): يا تہ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ الٽرا سائونڊ مشين هئي، انهن الٽرا سائونڊ ذريعي ڏسي ڪري اهو ڪلام ناهي

ورتو، پر اهو ٿي نٿو سگهي، 1400 سؤ سال پهرين الٽرا سائونڊ مشين جو تصور به نه هو لهٰذا وري (2): ٻي صورت اها ئي آهي ته هي ڪنهن انسان جو نه پر اللہ رَبُّ الْعٰلَمِیْن جو ڪلام آهي ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا سچا رسول آهن.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: قرآن ڪريم جو لاريب ڪتاب هجڻ به هڪ نعت مصطفيٰ آهي. اسان جيڪو چئو ٿا ته الحمد جي الف کان وٺي وَالنّاس جي سين تائين پوري جو پورو قرآن سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعت آهي، اها به بلڪل سچي ڳالهه آهي، ڏسو! قرآن ڪريم جو هر هر لفظ، هر هر آيت، چاهي ان جي معنيٰ ڪجهه به هجي، اها صداقتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دليل آهي، يعني ڪريم جي هر هر آيت اهو ٻڌائي رهي آهي ته

صدق نے تجھ میں یہاں تک تو جگہ پائی ہے | کہہ نہیں سکتے اُلش کو بھی تو جھوٹا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن لاريب ڪتاب هجڻ جون مختلف وَجهُون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۲﴾
(پاره:1،سورهٔ بقره: 2)

ترجمو ڪنز العرفان: اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي.

قرآن ڪريم لاريب ڪتاب آهي عُلماءِ ڪرام ان جون مختلف وجهون بيان فرمايون آهن.

## (1) قرآن ڪريم جي جامعيت

قرآن ڪريم جي لاريب هجڻ جي هڪ وجهه هي آهي ته هي انتهائي جامع ڪلام آهي، هن جي هڪ هڪ لفظ ۾ علم جا اهڙا سمنڊ رکيا ويا آهن جو انساني

عقل دنگ رهجي ويندو آهي ۞سورت اخلاص مختصر سورت آهي، ڪل 4 آيتون، 15 لفظ ۽ صرف 47 حرفَ آهن. [1]ان 15 لفظن ۾ پورو توحيد جو علم بيان ڪيو ويو آهي، عُلماءِ ڪرام سورت اخلاص جي تفسير ۾ سوين صفحن تي مشتمل ڪتاب لکيا آهن ۞ايئن ئي سورت ڪوثر، صرف 3 آيتون ۽ 10 لفظ آهن. [2] ان 10 لفظن ۾ ايئن ڪمال انداز ۾ شان مصطفيٰ بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا اهڙا علم جا موتي هن ۾ رکيا ويا آهن جو واهه! سُبْحٰنَ الله! سورت ڪوثر جي تفسير ۾ به علماءِ ڪرام پورا پورا ڪتاب لکيا آهن ۞سورت فاتحه ، ان جو ته چا ئي شان آهي، ان جا ڪل: 27 لفظ آهن، [3] ان 27 لفظن ۾ ڪم و بيش 104 آسماني ڪتابن جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي. [4]

اهڙو جامع ڪلام، چند لفظن ۾ ايڏي معنيٰ رکڻ، علم جا اهڙا سمنڊ سموئي ڇڏڻ، ڪنهن انسان جي وس جي ڳالهه ناهي، يقيناً اهو الله رَبُّ الْعٰلَمين جو ئي ڪلم آهي.

## غير مسلم ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي ويو

هڪ ڀيري مسلمانن جي ٻي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مسجد نبوي ۾ آرام ڪري رهيا هئا. اچانڪ پاڻ ٻڌائون: ڪير وڏي آواز سان ڪلمو شهادت پڙهي رهيو هو. حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اڪيون ڪوليون، ڏٺو، هڪ غير مسلم آهي. پاڻ ان ڪان ڪلمو پڙهڻ جو سبب پڇيو ته ان چيو: مون تورات، زبور ۽ انجيل شريف پڙهي هئي، هاڻ مون هڪ شخص کي قرآن ڪريم

---

[1]…تفسيرخازن،پاره:30، سورة اخلاص،جلد:4، صفحه:496ـ

[2]…تفسيرخازن،پاره:30، سورة ڪوثر،جلد:4، صفحه:480ـ

[3]…تفسيرخازن،پاره:1، سورة فاتحه،جلد:1، صفحه:15ـ

[4]…شُعَبُ الْايمان،جلد:2،صفحه:451، حديث:2371 خلاصةً۔

جي تلاوت ڪندي ٻڌو، اهو هيءَ آيت پڙهي رهيو هو:

| | |
|---|---|
| وَ مَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَ يَخۡشَ اللّٰهَ وَ يَتَّقۡهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفَآئِزُوۡنَ ﴿۵۲﴾ (پاره:18 ،سورة نور:52) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪري ۽ الله ڪان ڊڄي ۽ ان(جي نافرماني) ڪان ڊڄي تہ اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن. |

ان نئين مسلمان(*New Muslim*)چيو: توريت، زبور ۽ انجيل ۾ جيڪا تعليم آهي، ان سڀ جو خلاصو هن آيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي، لهٰذا جڏهن مون هيءَ آيت ٻڌي تہ جاڻي ورتم تہ(مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچو رسول ۽) قرآن ڪريم واقعي الله پاڪ جو ڪلام آهي.[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): قرآني پيشين گوئيون

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جي لاريب ڪتاب هجڻ جي هڪ وجهہ هيءَ بہ آهي تہ قرآن ڪريم جو هر لفظ 100 فيصد سچو آهي، قرآن ڪريم ۾ گهڻيون ئي پيشين گوئيون (يعني آينده جون ڳالهيون ٻڌايون) ويون آهن ۽ قرآن ڪريم ۾ جيتريون پيشين گوئيون آهن، سڀ جون سڀ من و عن (يعني 100 فيصد هوبهو) سچ ثابت ٿيون آهن. قرآني پيشين گوئين جو صرف هڪ مثال ٻڌو!

قبلي تبديل ٿيڻ جو واقعو وڏو مشهور آهي، رسول اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مڪي مڪرم ۾ تشريف فرما هيا تہ نماز ۾ ڪعبي شريف ڏانهن رخ فرمائيندا ها، پوءِ جڏهن هجرت ڪري مديني منوره تشريف آندائون تہ پاڻ مسجدِ اقصيٰ کي قبلو بڻايو. 17 مهينن کان پوءِ قبلو تبديل ٿيو ۽ الله پاڪ

[1]...تفسير قرطبی،پاره:18،سورة نور،زيرِ آيت:52 ،جز:12،جلد:6 ،صفحه:193۔

پيهر ڪعبي شريف کي قبلو بڻائڻ جو حڪم ڏنو. ان قبلي جي تبديلي تي ان وقت جي ڪافرن گهڻائي اعتراض ڪيا، انهن جا جواب بہ ڏنا ويا. ان موقعي تي هڪ انوکي، نرالي ڳالهہ جيڪا هئي، اها هي تہ قبلو تبديل ٿيڻ ڪان پوءِ اجان ڪافرن اعتراض ڪيا نہ هئا، ان ڪان پهريان ئي اللّٰہ پاڪ فرمايو:

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا ؕ
(پاره:2،سورۃ بقره:142)

ترجموڪنزالعرفان: هاڻي بيوقوف ماڻهو چوندا، هنن مسلمانن کي هنن جي اُن قبلي ڪان ڪنهن ڦيريو جنهن تي هي پهريان هئا؟

اجان انهن اعتراض ڪيا ناهن، عنقريب ڪندا. هاڻ ٿورو غور فرمايو! ڪافر اسلام کي مٽائڻ لاءِ چوٽي جو زور لڳائيندا هئا، پئسو خرچ ڪندا هئا، سازشون رچائيندا هئا، وڏي آسان ڳالهہ هئي: زبان انهن جي منهن ۾ هئي، اهي پنهنجي زبانن تي تالا لڳائي رکن ها، اعتراض نہ ڪن ها، جيڪڏهن اهي اعتراض نہ ڪن ها تہ قرآن جي هي آيت ڪوڙي ثابت ٿي وڃي ها تہ ڏسو! قرآن چئي ٿو اسان اعتراض ڪنداسين پر اسان تہ ڪيو ئي نہ . جڏهن هڪ آيت ڪوڙي ٿي وڃي ها تہ پوري قرآن تان اعتماد کڄي وڃي ها.

پر قربان وڃجي! هي اللّٰہ رَبُّ الْعٰلَمِيْن جو ڪلام آهي، ان جو هر هر لفظ سچو آهي، جيڪو قرآن چئي ڇڏيو، اهو ٿي ڪري رهندو. اللّٰہ پاڪ فرمايو تہ اهي اعتراض ڪندا تہ انهن واقعي اعتراض ڪيو ۽ ربّ ڪريم انهن جي اعتراضن جا جواب بہ ڏيڻ ارشاد فرمايا.

## P.H.D اسڪالر اسلام قبول ڪري ورتو

هڪ *P.H.D* اسڪالر هيو ان علم رياضي ۾ *P.H.D* ڪئي هئي اهو غير مسلم هيو، غير مسلمن جو عام طور تي نندپڻ ڪان ئي منفي ذهن بڻايو ويندو آهي، انهن

ڪي سمجهايو ويندو آهي ته قرآن ڪريم سنو ڪتاب ناهي، ان ڪري سچي زندگي نه قرآن پڙهندا آهن، نه سمجهندا آهن، نه انهن تي حق واضح ٿيندو آهي. بهرحال! هي P.H.D اسڪالر جو هيو، ان هڪ ڏينهن سوچيو ته مون کي قرآن پڙهي ڪري ان مان سکڻو ته ناهي، پلا! ان مان غلطيون ئي ڪڍان ٿو. (اَسْتَغْفِرُاللهَ!)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! قرآن ۾ نه ڪا غلطي آهي، نه ئي اهو غلطي ڪڍي سگهيو ٿي، نه ئي ان مان نڪتي. بهرحال! ان غلطيون ڪڍڻ جي نيت سان قرآن ڪريم پڙهڻ شروع ڪيو، غلطي ته ڇا ڪڍٽي هئي، الله پاڪ جي پاڪ ڪلام جي برڪت سان هو ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي ويو.

اَہلِ منطق سر بہ سجدہ رہ گئے | پڑھ لیا جب فلسفہ قرآن کا

هن قرآن ڪريم پڙهي ڪلمو ڇو پڙهيو؟ اها ڪهڙي خاص ڳالهه هئي، جنهن ڪان هو متاثر ٿيو؟ ان حوالي سان ان پاڻ هڪ مضمون لکيو، ان مضمون ۾ اهو لکي ٿو: جڏهن مون سُورت لَهَب پڙهي ته آئون سمجهي ويس ته قرآن الله پاڪ جو ڪلام آهي. الله پاڪ فرمايو:

سَیَصۡلٰی نَارًا ذَاتَ لَہَبٍ ۚ﴿۳﴾

(پاره:30،سورة لهب:3)

ترجموڪنزالعرفان: هاڻي هو پڙڪندڙ باهه ۾ داخل ٿيندو.

هن مبارڪ سورت ۾ صاف صاف فرمايو ويو ته ابولهب جهنمي آهي.P.H.D اسڪالر لکي ٿو، غور ڪيو ابولهب اهو شخص آهي، جيڪو هر معاملي ۾ رسولِ اڪرم، نُوْرِ مُجَسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت ڪندو هيو، نبي رحمت شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن نيڪي جي دعوت لاءِ ويندا هئا ته ابولهب پويان ويندو هيو، پاڻ ماڻهن کي ڪلمو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا هئا، ابولهب پويان آواز ڪڍي چوندو هيو: انسانو! هن جي ڳالهه نه ٻڌجو. سُورت لَهَبْ نازل ٿيڻ ڪان پوءِ ابولهب 10 سال زنده رهيو يعني ابولهب وٽ 10 سال هيا ۽ قرآن کي (مَعَاذَالله!) ڪوڙو ڪرڻ ان جي زبان جي چوٽي تي هيو، هي بدبخت الله ۽ رسول جي

مخالفت ڪندو هيو پر ان هتي مخالفت نہ ڪئي، قرآن چيو هيو تہ ابولهب جهنمي آهي، هي سچي دل سان ڪلمون پڙهي ها ۽ صحابہ ڪرام جي صف ۾ شامل ٿي چڪي ها: ڏسو! قرآن مون کي جهنمي چئي ٿو پر آئون تہ جنتين جي صف ۾ ۾ آهيان. پر هي قرآن آهي، هي عَلَّامُ الْغُيُوْب (يعني هر لڪيل ڳالهہ کي ڄاڻڻ وارو اللّٰه ڪريم) جو ڪلام آهي، اللّٰه ڪريم جي علم ازلي ۾ هيو تہ ابولهب ايمان نہ آڻيندو ۽ ان واقعي ايمان قبول نہ ڪيو.

معلوم ٿيو، قرآن لارَيْب ڪتاب آهي، هن ۾ ذري برابر بہ شڪ جي گنجائش ناهي، جيڪو قرآن ڪريم فرمائي ڇڏيو، ان ۾ ذري برابر بہ گهٽ وڌائي نہ ٿيندي، جئين فرمايو، ائين ٿي رهندو آهي، هي ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ قرآن ڪريم لارَيب ڪتاب آهي، هي واقعي اللّٰه پاڪ جو ئي ڪلام آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي لارَيب ڪتاب جو فيضان نصيب فرمائي، ان کي سکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سچي دل سان ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دار الإفتاء اهلسنت(Dar-ul-Ifta Ahlesunnat) ايپ جو تعارف

دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرف کان هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ( *Dar-ul-Ifta Ahlesunnat* ) (دار الافتاء اهلسنت) هي ايپليڪيشن ۽ بنهي طرح جي ڊيوائز سان بآساني ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ - مختلف موضوعن تي پڇيل سوالن جو آڊيو، ويڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن - احڪاماتِ تجارت - فرض علوم ڪورس - ۽ تجارت ڪورس هن ۾ شامل آهي. توهان بہ هن ايپلي ڪيشن مان فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ رغبت ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏي آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو سکون ٿا:

## صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو)

مسئلو: سجدي ۾ پير جي آڱر جي پيٽ جو زمين تي لڳائڻ فرض آهي، جڏهن ته هر پير جي ٽي ٽي آڱرين جي پيٽ زمين تي لڳي، اهو واجب آهي ۽ ڏهه جون ڏهه آڱرين جو پيٽ زمين تي لڳائڻ ۽ آڱريون قبلي جي طرف رکڻ سنت آهي.

وضاحت: ۞هن مسئلي جي باري ۾ عموماً گهڻي بي توجهي پائي ويندي آهي -گهڻا پيرا ڏٺو ويو آهي ته سجدي ۾ پير زمين کان اٿيل هوندا آهن - جيڪي زمين تي پير لڳائي رکندا آهن، ان ۾ تمام گهڻا صرف آڱرين جي چوٽي زمين تي لڳائيندا آهن، ۞ مسئلو گهڻو ياد رکڻ جو آهي: سجدي ۾ پير جي ڏهه آڱرين مان هڪ جو پيٽ زمين تي لڳائڻ فرض، ٻنهي پيرن 3،3 آڱرين جو پيٽ لڳائڻ واجب ۽ 10 جون 10 آڱرين جو پيٽ لڳائڻ ۽ آڱرين جو منهن قبلي جي طرف هجڻ سنت آهي ۞اگر سجدي ۾ پير زمين کان ڪٽي ڇڏيو، هڪ به آڱري جو پيٽ زمين تي نه لڳايو ته نماز نه ٿيندي، ٻيهر پڙهڻ فرض آهي ۞ اگر صرف آڱوٺو لڳايو، باقي آڱريون مٿي رکيون ته واجب رهجي ويندو، گناهه به ٿيندو ۽ نماز به ٻيهر پڙهڻي پوندي.[1]

الله پاڪ اسان کي نماز سکي ڪري، صحيح انداز سان پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...ماہنامہ فیضانِ مدینہ،جنوری2018ء،دارالافتاء اہل سنّت،صفحہ:14

# اَسْمَاءُالحسني جون برڪتون (وظيفو)

## يَا رَحِيْمُ

جيڪو هر رزو 500 ڀيرا يَارَحِيْمُ پڙهندو، دولت حاصل ڪندو ۽ اللّٰه پاڪ ٻانهن جي دل ۾ ان لاءِ شفقت ۽ مهرباني وجهندو [1] اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

آستانے کا اپنے رکھ منگتا | نہ پِھرا مجھ کو دَر بدر یاربّ!
نام کو تیرے رَٹتے رَٹتے روز | شام سے میں کروں سحر یاربّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

[1] …مدنی پنج سورہ، صفحہ:246۔